صوبائي اسيمبلي سنڌ

نوٽيفڪيشن

ڪراچي ۰۵ مارچ ۲۰۱۴

ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ وارو بل مجريه ۲۰۱۳ ،جيڪو صوبائي اسيمبلي سنڌ طرفان ۳ فيبروري ۲۰۱۴ تي پاس ڪيو ويو ۽ گورنر سنڌ **۲۵ فيبروري** ۲۰۱۴ تي منظوري ڏني،جنهن ڪي صوبائي اسيمبلي سنڌ جي قانون سازي ايڪٽ طور شايع ڪيو وڃي ٿو.

# ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ وارو ايڪٽ مجريه ۲۰۱۳

# ۲۰۱۴ع جو سنڌ ايڪٽ نمبر III

ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ ۽ پتين تي لکت تي پابنديءَ وارو ايڪٽ.

تمهيد (Preamble)

جيئن ته اهو ضروري آهي ته سنڌ صوبي ۾ ملڪيتن کي ڏيک بگاڙڻ کان بچايو وڃي ۽ ديوارن تي لکت تي بندش وڌي وڃي، ان ڪري هن ايڪٽ کي اهڙي ريت لاڳو ڪيو وڃي ٿو.

ان ڪري ايڪٽ کي هن ريت لاڳو ٿو ڪجي:-

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short Title and Commencement.

1. (1). هن ايڪٽ کي ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ کان بچاءَ ۽ پتين تي لکت تي پابنديءَ وارو ايڪٽ ( The Prevention of Defacement of Property Act, 2013) چيو ويندو.

(2) هي ايڪٽ سموري سنڌ صوبي ۾ لاڳو هوندو.

(3) هي ايڪٽ هڪدم لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾ ، سواءِ ان جي ته ڪا ڳالهه ان جي مضمون جي حوالي سان منحرف نه هجي، ڪن لفظن جون وصفون هن ريت ورتيون وينديون.

(الف) ”مواد لڳائڻ“ (Affixing Material) جو مطلب آهي ته ڪوئي پوسٽر (Poster)، بل (Bill)، نوٽيس (Notice)، پلي ڪارڊ (Placard) يا ڪو ٻيو مواد ڪنهن جاءِ تي مالڪ جي اڳواٽ منظوريءَ کانسواءِ هٽڻ.

(ب) ڏيک بگاڙڻ (Defacement or Deface) جو مطلب آهي ته مالڪ جي منظوريءَ کانسواءِ ڪنهن خوبصورت جڳهه يا ملڪيت کي نقصان رسائي حليو بگاڙجي، خراب ڪجي يا ڪنهن ٻئي طريقي سان ڏيک بگاڙجي. جهڙوڪ:

(i) ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لکت ذريعي.

(ii) چيپيل مواد ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لڳائڻ. يا

(iii) ڪو اهڙو عمل جنهن جي نتيجي ۾ ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) جي ڏيک ۾ بگاڙ اچي.

(ت) گورنمينٽ (Government) جي معنيٰ آهي سنڌ سرڪار.

(ث) ملڪيت (Property) جو مطلب آهي ڪا به اڏاوت، جڳهه، واڙهه (Fence Post)، ٿنڀو (Pole)، اڀائي (Erection)، مٿانهين (Surface).

(ج) لکت (Writing) جو مطلب آهي ڪا به تحرير، مصوري، پنهنجي خيالن جو اظهار يا ڪو ٻيو مواد جيڪو چاڪ، برش يا ڪنهن

ذريعي سان ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) تي لکيو وڃي.

ملڪيت جي ڏيک-بگاڙڻ تي بندش
Prohibition on defacement of property.

3. (1) ڪو به ماڻهو عوام جي توجهه ڇڪرائڻ جي لاءِ ڪنهن به طريقي سان ڪنهن ملڪيت (جاءِ يا ديوار وغيره) جو ڏيک بگاڙي نٿو سگهي.

(2) ڪو به ماڻهو هن ايڪٽ جي ڪنهن به گنجائش (Provisions) جي ڀڃڪڙي ڪندي ڏٺو ويو ته ، ان کي جيل موڪلڻ جي سزا ڏني ويندي، جيڪو مدو 6 مهينن تائين وڌائي سگهجي ٿو، يا ڏنڊ سميت سزا ڏئي سگهجي ٿي جيڪا 5000 رپين تائين هوندي، يا ڏنڊ ۽ جيل جون ٻئي سزائون ڏئي سگهجن ٿيون. ۽ جيڪڏهن اهو ڏوهه ورجايو ويو ته ان لاءِ روزانو هڪ هزار رپين جو ڏنڊ وڌو ويندو ۽ اهو ڏنڊ پهرين ڏوهه ڪرڻ واري تاريخ کان شروع ٿيندو.

ڇُوٽ (Exception): هن دفعه (Section) هيٺ ان کي ڏوهه(Offense) نه چيو ويندو جڏهن ملڪيت جو مالڪ يا نگهبان انهيءَ ڪم ۾ ڪنهن طريقي سان لاڳاپيل هوندو.

ملڪيت جي ڏيک-بگاڙڻ خلاف مسلح جٿو
Anti-Property Defacement Task Force.

4. (1) هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ ڪانپوءِ 15 ڏينهن اندر سرڪار ملڪيت جي ڏيک بگاڙ کان بچائڻ لاءِ هڪ فورس (The Anti-Property Defacement Task Force.) ٺاهيندي، جيڪو ڏيک بگاڙڻ جي دائري جو اندازو لڳائيندي ۽ اهڙا طريقا تجويز ڪندي ته جيئن هن ايڪٽ کي مناسب نموني سان لاڳو ڪري سگهجي، انهن ڪوشش جي سروي (Survey) ۽ اهڙن پروگرامن تي غور ويچار ڪندو، جيڪي ٻين جي دائري اختيار ۾ هوندا ۽ ڏيک بگاڙڻ خلاف ڪم

۾ رڌل هوندا ۽ ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ خلاف هڪ جامع پروگرام تجويز ڪندو.

(2) هي فورس (The Anti-Property Defacement Task Force.) چيئرپرسن (Chairperson) سميت ڇهن ميمبرن تي مشتمل هوندو.

(3) فورس جو چيئرپرسن ۽ ميمبر مجيل تجربيڪار هوندا ۽ ڪين سرڪار هنن شعبن مان مقرر ڪندي:

(الف) قانون (Law)

(ب) سماجي يا ثقافتي پراجيڪٽس (Projects) ۾ مصروف سول سوسائٽي جي تنظيم

(ت) تعليم

(ث) اليڪٽرانڪ يا پرنٽ ميڊيا (Electronic or Print media)

(ج) واپاري برادري (Business Community)

(ه) انجنيئرنگ (Engineering) يا آرڪيٽيڪچر (Architecture).

ملڪيت جي بگاڙيل ڏيک متائڻ
Removal of existing defacement on property.

5. هن ايڪٽ جي لاڳو ٿيڻ جي 30 ڏينهن جي مدي اندر هر ڪا ڪائونسل پنهنجي حدن اندر ملڪيت جي ڏيک بگاڙڻ جا اهي نشان ختم ڪري ڇڏيندي، جيڪي هن ايڪٽ ۾ منع ڪيا ويا آهن ۽ ان ميسارڻ واري ڪم تي ايندڙ خرچ انهن ماڻهن کان ورتو ويندو جيڪي انهن ڪمن جا ذميوار هوندا.

| | |
|---|---|
| 6. هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ سرڪار قاعدا (Rules) جوڙي سگهي ٿي. | قاعدن جوڙڻ جو اختيار Power to make rules. |

**بحڪم**

**اسپيڪر**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ.**

**جي-ايم-عمر فاروق**

**سيڪريٽري**

**صوبائي اسيمبلي سنڌ**

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.